# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1980
# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1980
# سنڌ ماليات آرڊيننس، 1980
# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1980
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

3. 1958 جي مغربي پاڪستان ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act X of 1958

4. 1958 جي مغربي پاڪستان جي ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

5. 1964 جي مغربي پاڪستان جي ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

6. 1971 جي سنڌ آرڊيننس VII جي ترميم
Amendment of Sind Ordinance, VII of 1971

7. 1972 جي سنڌ فنانس ايڪٽ I جي ترميم
Amendment of Sind Finance Act I of 1972

8. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم

FIRST SCHEDULE

SECOND SCHEDULE

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1980
# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1980
# سنڌ ماليات آرڊيننس، 1980
# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1980

[30 جون 1980]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ ڊيوٽين کي معقول بڻايو نافذ ڪيو ۽ وڌايو ويندو ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ صوبي جي اندر ڪجهه ٽيڪسز ۽ ڊيوٽين کي معقول بڻائڻ، نافذ ڪرڻ ۽ وڌائڻ مقصود آهي. سنڌ صوبي جي اندر ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو؛

تنهنڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1977 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشي سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ماليات آرڊيننس 1980 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ پهرين جولائي 1980 کان نافذ هوندو.

1899 جي ايڪٽ II

2. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ

| | |
|---|---|
| جي ترميم<br>Amendment of Act II of 1899 | جي لاءِ، هن جي شيڊول 1 ۾:۔<br>(i) آرٽيڪل 1، جي ڪانپوءِ هيٺيون ڄاڻايل آرٽيڪل ۔ 1 A کي شامل ڪيو ويندو:۔<br>"A۔1 پرڏيهي ملڪ مان ايندڙ سامان جي مد ۾ ائيرويز بل ڏهه رپيا"<br>(ii) آرٽيڪل پنج جي شق (d)، جي ڪالم 2، ۾ موجوده انٽري جي لفظن جي جاءِ تي "ڏهه روپيا" جي لفظن جي متبادل طور شامل ڪيو ويجي؛<br>(iii) آرٽيڪل 10 ۾؛<br>(a) انٽري (b) جي ڪالم 2 ۾ موجوده انٽري جي لفظن جي جاءِ تي "هڪ سئو پنجويهه" جي لفظن کي متبادل طور شامل ڪيو ويجي؛<br>(b) انٽري (c) جي ڪالم 2، ۾ موجوده انٽري جي لفظن جي جاءِ تي "پنج سئو روپيه" جي لفظن کي متبادل طور شامل ڪيو ويجي؛ ۽<br>(c) انٽري (d) جي ڪالم 2 ۾، موجوده انٽري جي لفظن جي جاءِ "ست سئو ۽ پنجاهه" جي لفظن کي متبادل جي طور تي شامل ڪيو ويجي؛<br>(iv) آرٽيڪل 14 جي ڪالم 2 ۾ موجوده انٽري جي لفظن جي جاءِ "ڏهه روپيه" جي لفظن کي متبادل جي طور شامل ڪيو ويجي؛<br>(v) آرٽيڪل 26 ڪانپوءِ هيٺين ڄاڻايل کي آرٽيڪل A۔26 جي طور شامل ڪيو ويجي:۔ |

| | |
|---|---|
| "A۔26 پرڏيهي ملڪ مان پوسٽ جي ذريعي | ڏهه روپيه |

| | |
|---|---|
| موڪليل سامان جي ڪسٽم ڪليئرنگ | |

1958 جي مغربي پاڪستان ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act X of 1958

3. سنڌ انٽرٽيمنٽس ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾-

(a) دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ جملي جي پڇاڙي تي ايندڙ فل اسٽاپ جي جاءِ ڪولن کي متبادل جي طور تي استعمال ڪيو ويجي ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين جاٽايل کي شامل ڪيو ويجي؛

سينيما ۾ فلم ڏيکارڻ کان علاوه ٻي تفريح تي ايندڙ خرچن تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ حڪومت هن ذيلي دفعہ جي تحت ٻيهر پريل اگهہ کان گهٽ ۾ گهٽ پنج سيڪڙو مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري سگهي ٿي.

(b) دفعہ 8 ۽ 9 جي جاءِ تي هيٺين جاٽايل کي متبادل جي طور تي ورتو ويندو:-

حڪومت پاران رعايت

"8 حڪومت عمومي يا مخصوص حڪمن جي ذريعي ڪنهن تفريح کي انٽريٽمنٽ ڊيوٽي کان مستثنيٰ قرار ڏئي سگهي ٿي.

حڪومت رعايت جي پابندي جي حالت جي لاءِ سيڪيورٽي

9. حڪومت جڏهن ذيلي دفعہ 8 جي ذريعي ڪنهن تفريح کي انٽرينمينٽ ڊيوٽي کان مستثنيٰ قرار ڏئي ٿي تہ لاڳاپيل تفريح جي مالڪ کي هدايت ڪئي ويندي تہ اهو ڪليڪٽر کي سيڪيورٽي جمع ڪرائي ۽ ان قدمن تي عملدرآمد ڪرائي جنهن سبب انهن کي انٽرينمينٽ ڊيوٽي کان مستثنيٰ قرار ڏنو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| 4. هن آرڊيننس جي پهريان شيڊول کي سنڌ موٽر وهيڪلز ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول جي متبادل جي طور تي ورتو ويجي. | 1958 جي مغربي پاڪستان جي ايڪٽ XXXII جي ترميم<br>Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958 |
| 5. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾ـ<br>(a) دفعہ 11، جي ذيلي دفعہ (1)، ۾ "5 کان 79" جي انگ ۽ اکر ۽ الفاظن جي جاءِ تي "7" کي متبادل طور ورتو ويندو.<br>(b) "ستين شيڊول جي جاءِ تي" هن آرڊيننس جي ٻئين شيڊول کي متبادل جي طور تي ورتو ويجي. | 1964 جي مغربي پاڪستان جي ايڪٽ XXXIV جي ترميم<br>Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964 |
| 6. سنڌ ماليات آرڊيننس 1971 جي دفعہ 3 کي حذف ڪيو ويجي. | 1971 جي سنڌ آرڊيننس VII جي ترميم<br>Amendment of Sind Ordinance, VII of 1971 |
| 7.سنڌ فنانس ايڪٽ، 1972 ۾، چوٿين شيڊول ۾، جريان نمبر 6، 7، 8، 9 ۽ 10 ۾ انٽريون متائيون ويندديون. | 1972 جي سنڌ فنانس ايڪٽ I جي ترميم<br>Amendment of Sind Finance Act |

I of 1972

1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Sind Act, VII of 1977

8.سنڌ فنانس ايڪٽ، 1977 ۾:

(a)دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) جي انٽري (a) جي ڪالم 1 ۾، لفظن "پنجويھہ" لاءِ لفظ "پنجاھہ" متبادل ٿيندو؛

(b)انٽري (d) لاءِ هيٺيون انٽريون متبادل ٿينديون:

| | |
|---|---|
| "(d)هوٽل جي صورت ۾ جيڪو هر رهائش اختيار ڪندڙ يونٽ تي تي سئو هڪ رپين کان گهٽ نہ ۽ پنج سئو رپين کان وڌيڪ وصول نہ ڪندو هجي. | رهائش اختيار ڪندڙن جي ڪل نمبر جي پنجاسي سيڪڙو برابر هر ڏينهن لاءِ هر رهائش اختيار ڪندڙ تي ويھہ رپيا |
| (e)هوٽل جي صورت ۾ جيڪو هر رهائش اختيار ڪندڙ يونٽ تي ڏهاڙي پنج سئو رپين کان وڌيڪ وصول ڪندو هجي. | رهائش اختيار ڪندڙن جي ڪل نمبر جي پنجاسي سيڪڙو برابر هر ڏينهن لاءِ هر رهائش اختيار ڪندڙ تي ٽيھہ رپيا." |

پهريون شيڊول

(ڏسو دفعہ 4)

شيڊول

(ڏسو دفعہ 3)

FIRST SCHEDULE

(See Section 4)

"THE SCHEDULE

(See Section 3)

| جريان نمبر | موٽر گاڏين جا تفصيل | ٽيڪس جو ساليانو ريٽ |
|---|---|---|
| .1 | سائيڪلس<br>(a)موٽر سائيڪلس، بشمول موٽر اسڪوٽرز جيڪي 90 ڪلو گرام کان وڏيڪ نہ هجن، اڻ سٽيل وزن ۾<br>(b)موٽر سائيڪلس، بشمول موٽر اسڪوٽرز جي، جيڪي 90 ڪلوگرام کان وڏيڪ هجن، اڻ سٽيل وزن ۾<br>(c) جيڪڏهن (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايل گاڏين سان ٽريلر گڏيل آهي، ٽريلر لاءِ واڌ چارج.<br>(d) ٽراءِ سائيڪلس جيڪي مڪينيڪل پاور ذريعي ڇڪيا وڃن | رپيا 44<br>60 رپيا<br>15<br>40 |
| .2 | موٽر گاڏيون جيڪي 250 ڪلو گرام کان وڏيڪ نہ هجن، اڻ سٽيل وزن ۾ جيڪي معذورن لاءِ استعمال ٿينديون هجن. | ڪا بہ ٽيڪس نہ |
| .3 | موٽر گاڏيون جيڪي عام طور تي شين ۽ سامان جي لاءِ استعمال ٿينديون هجن<br>(a)بجليءَ تي هلندڙ گاڏيون جيڪي | 35 |

| | | |
|---|---|---|
| | اڙ ستيل وزن ۾ 1250 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجن. | |
| | (b)موٽر گاڏيون جيڪي ستيل وزن سميت 2030 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجن. | 320 |
| | (c)موٽر گاڏيون جيڪي ستيل وزن سميت 2030 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجن پر 4060 ڪلو گرام کان وڌيڪ نہ هجن. | 500 |
| | (d)موٽر گاڏيون جيڪي ستيل وزن سميت 4060 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجن پر 6090 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجن. | 700 |
| | (e)موٽر گاڏيون جيڪي ستيل وزن سميت 6090 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجن پر 8120 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجن. | 1500 |
| | (f)موٽر گاڏيون جيڪي ستيل وزن سميت 8120 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجن پر 10400 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ هجن. | 2200 |
| | (g)موٽر گاڏيون جيڪي ستيل وزن سميت 10400 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجن. | 2800 |
| | (h)جيڪڏهن (a) کان (g) تائين ۾ | 200 |

| | | |
|---|---|---|
| | گاڏين سان گڏ ٽريلر لڳل آهي تہ ٽريلر تي واڌو اوڳاڙي ڪئي ويندي. | |
| جريان نمبر | موٽر گاڏين جا تفصيل | ٽيڪس جو ساليانو ريٽ |
| 4. | سموريون موٽر گاڏيون جيڪي عام طور تي ڀاڙي تي ماڻهن جي ڪٽڻ لاءِ استعمال ٿينديون هجن. | |
| | (a)ٽرام ڪارس | 15 |
| | (b)ٽراءِ سائيڪل بشمول رڪشاز ڪيب، جيڪا مڪينيڪل زور ذريعي ڇڪي وڃي جنهن جي سيٽن جي گنجائش ٽي ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي. | 260 |
| | (c)موٽر گاڏيون، جنهن ۾ (a) ۽ (b) ۾ شامل گاڏيون نہ هجن، جنهن ۾ سيٽن جي گنجائش چار ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي. | 340 |
| | (d)موٽر گاڏيون، جنهن ۾ (a) ۽ (b) ۾ شامل گاڏيون نہ هجن، جنهن ۾ چار ماڻهن کان وڌيڪ سيٽن جي گنجائش هجي پر ڇهہ ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي. | 500 |
| | (e) موٽر گاڏيون، جنهن ۾ (a) ۽ (b) ۾ | 64 في |

| | | |
|---|---|---|
| | شامل گاڏيون نہ هجن، جنهن ۾ سيٽن جي گنجائش ڇهہ ماڻهن کان وڌيڪ هجي پر ڇويهہ ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي، جيڪا ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمينٽ جي حدن ۾ هلندي هجي.<br>(f) موٽر گاڏيون، جنهن ۾ (a) ۽ (b) ۾ شامل گاڏيون نہ هجن، جنهن ۾ سيٽن جي گنجائش ڇويهہ ماڻهن کان وڌيڪ هجي جيڪا ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمينٽ جي حدن ۾ هلندي هجي.<br>(g) موٽر گاڏيون، جنهن ۾ (a) ۽ (b) ۾ شامل گاڏيون نہ هجن، جنهن ۾ سيٽن جي گنجائش سٺ ماڻهن کان وڌيڪ هجي، جيڪا ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمينٽ جي حدن کان ٻاهر هلندي هجي. | سيٽ<br>52 في سيٽ<br>104 في سيٽ |
| 5. | نجي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ موٽر گاڏيون<br>(i)جيڪا 7.46 Kwt کان وڌيڪ نہ هجي.<br>(ii) جيڪا 7.46 Kwt کان وڌيڪ هجي پر 13.43 Kwt کان گهٽ هجي. | 280<br>320 |

| | | |
|---|---|---|
| | (iii) 13.43 Kwt ۽ ان کان وڌيڪ. | 440 |
| | **ٻيو شيڊول**<br>(ڏسو دفعہ 5)<br>**“ستون شيڊول**<br>(ڏسو دفعہ 11)<br>SECOND SCHEDULE<br>(See Section 5)<br>“SEVENTH SCHEDULE<br>(See Section 11) | |
| جريان نمبر | کيٽيگريز | ٽيڪس جو ساليانو ريٽ |
| .1 | شعبي، واپارن، ڪالنگز يا ملازمتن ۾ مصروف سمورا ماڻهو سواءِ انهن جي جيڪي هن ڪانپوءِ ڄاڻايل آهن، جن کان گذريل مالي سال ۾ انڪم ٽيڪس اوڳاڙي وئي هجي. | 100 |
| .2 | سموريون پرائيويٽ لميٽيڊ ۽ پرڏيهي ڪمپنيون جن کي سنڌ ۾ رجسٽرڊ آفيس هجي. | 5000 |
| .3 | سموريون پرائيويٽ لميٽيڊ ۽ پرڏيهي ڪمپنيون:<br>(a)شيئر ڪيپيٽل 200,000 رپين کان وڌيڪ هجي پر هڪ ملين رپين | 1000 |

| | | |
|---|---|---|
| | کان وڌيڪ نہ هجي.<br>(b)شيئر ڪيپيٽل هڪ ملين رپين کان وڌيڪ هجي. | 5000 |
| .4 | فيڪٽرين ۽ ڪمرشل اسٽيبلشمينٽس جا مالڪ سواءِ انهن جي جيڪي جريان نمبر (2) ۽ (3) ۾ ڄاڻايل آهن، جيڪي 10 يا ان کان مٿي ملازم رکي رهيا هجن. | 1000 |
| .5 | امپورٽ لائسنسز رکندڙ جن گذريل مالي سال دوران شيون درآمد ڪيون هجن:<br>(a)200,000 رپين کان وڌيڪ نہ هجن.<br>(b) 200,000 رپين کان وڌيڪ هجن پر هڪ ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجن.<br>(c)هڪ ملين رپين کان وڌيڪ هجن. | 500<br>1000<br>5000 |
| .6 | ٺيڪيدار جن گذريل مالي سال دوران شيون يا خدمتون فراهم ڪيون هجن:<br>(a)هڪ ملين رپين تائين.<br>(b)هڪ ملين رپين کان وڌيڪ پر 2.5 ملين رپين کان وڌيڪ نہ.<br>(c)2.5 ملين رپين کان وڌيڪ. | 1000<br>5000 |

| | | |
|---|---|---|
| .7 | سموريون فيڪٽريون، دڪان ۽ اسٽيبلشمينٽس (سواءِ انهن جي جيڪي مٿين ڪيٽيگريز ۾ اچن ٿا) جن وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ملازم هجي پر نون ماڻهن کان وڌيڪ نه هجن. | 50 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**